ڊاڪٽر احسان دانش

[ليڪچرر گورنمينٽ ڊگري ڪاليج، لاڙڪاڻو]

# شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ اترادي لهجي جو اڀياس

# A Study of Upper Northern Sindhi Dialect in the Poetry of shah Latif

**Abstract:**

Dialects of Sindhi language are attributed and named according to their geographic boundaries. Dialect of Sindhi language spoken in a particular area possesses its own importance. In the accent of every region, there exist elements of peculiarity in terms of pronunciation, and articulation; this lends beauty and color to every word and literary term of that particular accent.

On the language that Shah Lateef has chosen, scholar opinions vary. Some call it *Laari* (dialect typical to lower part of Sindh) and some take it as of *Wicholo (*dialect of central sindh). In fact, the language of Shah is extremely rich and multi-facet. Shah Lateef adopted every accent of spoken Sindhi inside and outside of Sindh, and awarded it a pertinent place in his poetry. Therefore, Shah cannot be limited as a poet of a particular accent/dialect. This is because; he spent many years travelling around nooks and corners of Sindh, and was impressed by culture and language of every territory. In the Upper Sindh, he went to Khairpur, Sukkur, Rohri, Ghotki, Larkana, Shikarpur and other districts. There are monuments, still, after his name.

Our focal point of study, in this paper, is *Utradi* dialect.

سنڌي ٻولي دنيا جي قديم زبانن مان هڪ آهي. هيءَ ٻولي ننڍي کنڊ جي اهم ٻولين ۾ ڳڻي وڃي ٿي. تهذيبي لحاظ کان هن ٻوليءَ جون پاڙون سنڌو ماٿر جي عظيم سڀيتا ۾ کتل آهن. سنڌن ٻوليءَ جون جاگرافيائي حدون جانچڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ هيءَ موجوده سنڌ صوبي کان علاوه پاڪستان جي ٻين صوبن جهڙوڪ بلوچستان ۽ پنجاب جي مختلف علائقن توڙي پاڙيسري ملڪ هندوستان جي سرحدي علائقن تائين ڦهليل آهي. ڪاڪي ڀيرو مل مطابق ”سنڌي ٻولي قديم وڏيءَ سنڌ جي ٻولي

آهي، جنهن جون حدون ڪشمير کان وٺي گجرات جي شهر سورت تائين هيون، جنهن ڪري پنجاب جو ڪجھ ڀاڱو راجپوتانا، سڄو ڪڇ علائقو ۽ ڪاٺياواڙ جو اتر وارو ڀاڱو سنڌ ۾ اچي ٿي ويا. هوڏانهن افغانستان ۽ بلوچستان جا ڪي پاسا، لس ٻيلي ۽ مڪران سميت سنڌ جي حڪومت هيٺ هئا. انهن سڀني هنڌن اسان جي سنڌي ماڻهن راڄ ٿي ڪيو، جنهن ڪري سنڌي ٻولي جو انهن پاسن ڏي چالو آهي.“ [1]

پروفيسر علي نواز حاجن جتوئيءَ پنهنجي ڪتاب ”علم لسان ۽ سنڌي زبان“ ۾ رابرٽ اي. هل (Robert A. Hill) جي ڪتاب (Introductory Linguistics) جو حوالو ڏيندي لکيو آهي تہ ”هر زبان جو هڪ ملڪ ٿيندو آهي، جنهن جي گهٽ يا وڌ ايراضي ٿيندي آهي. انهيءَ ايراضيءَ اندر هڪ ئي زبان جا مختلف محاورا جدا جدا ڀاڱن ۾ موجود هوندا آهن. جن مان هر هڪ کي اتان جي ”مقامي ٻولي“ (Dialect) سڏبو آهي. باريڪ بينيءَ سان ڏٺو وڃي تہ هر شخص جي ٻوليءَ جو طريقو بلڪل پنهنجو ۽ نرالو هوندو آهي، جنهن کي ذاتي زبان (Idiolect) چئي سگهجي ٿو. مگر اها آوازي، صرفي ۽ نحوي نگاهہ کان ٻين جي ذاتي زبان کان نرالي نہ هوندي آهي... سچ پچ تہ زبان نہ رڳو هڪ شخص کان ٻئي تائين بدلجي ٿي، پر هر طبقي کان ٻئي طبقي تائين ڦري ٿي.“ [2]

ان ڦير گهير جا ڪافي سبب آهن. لسانيات جي ماهرن ان تبديلي جا سبب ٻڌائيندي ٻوليءَ جون حدون متعين ڪيون آهن. سنڌيءَ ۾ عام چوڻي آهي تہ ”ٻارهين ڪوهين ٻولي ٻي.“ جنهن مان پڻ اها ئي مراد آهي تہ هڪ حد کان ٻي حد تائين ساڳي ٻوليءَ جي لهجي ۽ محاوري ۾ ڦيرو اچي ٿو. انهن حدن جو تعين ان طرح ڪري سگهجي ٿو تہ جنهن حد يا علائقي تائين ٻولي پنهنجي لهجي ۾ بنا ڪنهن ڦير ڦار جي ساڳي آهي، تنهن کي هڪ لهجو يا محاورو مڃڻ کپي ۽ جنهن علائقي کان ٻوليءَ جي لهجي ۾ تبديلي محسوس ٿئي تنهن علائقي کان ٻوليءَ جو ٻيو محاورو سمجهڻ گهرجي. ائين ئي مختلف ٻولين جا الڳ الڳ محاورا هوندا آهن. هر ٻوليءَ جو هڪ معياري لهجو (Standard dialect) هوندو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ وچولي واري لهجي کي معياري لهجو سڏيو ويندو آهي. هنديءَ ۾ معياري ٻولي (Standard dialect) کي ڀاشا ۽ اهڙي ٻوليءَ جا محدود دائري ۾ رهندڙ عام ماڻهو ڳالهائين ٿا، جنهن کي وڀاشا/ لهجو (Dialect) چيو وڃي ٿو. ”وڀاشا جي حد، جاگرافي مقرر ڪري ٿي، پر ڀاشا جي

حد سپيتا، سنسڪرتي ۽ پاونائون مقرر ڪن ٿيون...... وياشا ۽ پاشا جو پاڻ ۾ گهرو سبنڌ آهي، چاڪاڻ تہ وياشا کي اڳتي هلي پاشا جو پد ملي ٿو.“[3]

سنڌي ٻوليءَ جي لهجن کي سندن جاگرافيائي حدن مطابق طئي ڪيو ويو آهي ۽ انهيءَ لحاظ کان سندن نالا پڻ مقرر ڪيا ويا آهن. سنڌ جي اتر يا سِري واري علائقي ۾ جيڪو محاورو مروج آهي ان کي اترادي لهجو ڪوٺيو ويندو آهي. اهڙي طرح سنڌ جي جدا جدا طبعي ڀاڱن جهڙوڪ سنڌ جي لاڙ واري پاسي ڏي مروج لهجي کي جاگرافيائي حدبندين مطابق لاڙي لهجو، کوهستان ۾ ڳالهائي ويندڙ ٻوليءَ کي کوهستاني لهجو، ٿر ۾ ڳالهائي ويندڙ ٻوليءَ کي ٿري لهجو، سنڌ جي وچولي ۾ ڳالهائي ويندڙ ٻوليءَ کي وچولي وارو لهجو، لس ٻيلي ۾ ڳالهائي ويندڙ ٻوليءَ کي لاسي لهجو سڏيو ويندو آهي. انهن مان سنڌي ٻوليءَ جي هر لهجي ۾ الڳ الڳ حسناڪيون موجود آهن ۽ اهڙو مطالعو نهايت دلچسپ آهي.

جارج گريئرسن، لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا جي جلد ائين ۾ سنڌي ٻوليءَ جي معياري (وچولي)، سرائڪي (سري واري)، ٿاريلي (ٿر واري)، لاڙي، لاسي ۽ ڪاڇڪي محاورن جو مطالعو پيش ڪيو آهي. جڏهن تہ ڪاڪي ڀيرو مل پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ“ ۾ سنڌي ٻوليءَ جا ڇهہ لهجا ڏنا آهن، جن ۾ سريلي، وچولي، لاڙي، ٿريلي، ڪڇڪي ۽ لاسي شامل آهن. اهڙي طرح ڊاڪٽر غلام علي الانا سنڌي ٻوليءَ جي لهجن کي اترادي (سريلي)، وچولي، لاڙي، ٿري، کوهستاني، ڪڇي ۽ لاسي ۾ ورهائي ٿو.

هن مقالي ۾ اسان جي مطالعي جو محور شاهہ جي ڪلام ۾ موجود اترادي لهجو آهي، تنهن ڪري پهريان اترادي لهجي / محاوري بابت ڪجهہ اهم ڳالهين تي روشني وجهڻ ضروري آهي. سنڌي ٻوليءَ جي اترادي لهجي بابت ڪاڪو ڀيرو مل لکي ٿو ”سِرُ معنيٰ مٿو ۽ سرو معنيٰ مٿ يا مٿيون ڀاڱو سنڌ جو اتر وارو پاسو. سنڌ توڙي سنڌو نديءَ جي وهڪ جو مٿيون ڀاڱو آهي. انهن ٻنهي سببن جي ڪري اهو سرو سڏجي ٿو. ٻوليءَ جي مطلب لاءِ ٿلهي ليکي چئبو تہ خيرپور رياست کان وٺي ويندي اٻاوڙي تعلقي جي ڇيڙي تائين ۽ سيوهڻ دادو کان وٺي سڄو لاڙڪاڻو ضلعو توڙي شهدادڪوٽ ۽ جيڪب آباد وارو پاسو ڪشمور تعلقي جي ڇيڙي تائين ”سِرو“ آهي ۽ اتي جي ٻولي ”سِريلي“ سڏجي ٿي.“[4] جڏهن تہ پروفيسر شيخ محمد فاضل پنهنجي

ڪتاب ”ماٿيلي - اپاوڙي جي ٻولي“ ۾ لکي ٿو تہ ”لسانيات جي ڪن ماهرن اترادي محاوري کي ”سِريلي ٻولي“ سڏيو آهي، ڇوتہ اها ٻولي سنڌ جي ان طبعي ڀاڱي ۾ ڳالهائي وڃي ٿي، جنهن کي سِرو“ ڪوٺجي ٿو. اها ڳالهہ ڪنهن حد تائين ڪٿي تسليم ڪجي پر سِري جي حدن کي اترادي محاوري جون سرحدون سمجهڻ ڪنهن بہ حالت ۾ درست نہ آهي. ڪنهن بہ خطي جي ”طبعي جاگرافي“ ۽ ”لساني جاگرافي“ ۾ صد في صد مطابقت اتفاقي تہ ٿي سگهي ٿي پر عمومي طور تي ائين نہ آهي.“[5] هن ڪاڪي ڀيرو مل جو مٿيون حوالو ڏيندي لکيو آهي تہ ”ڀيرو مل جي راءِ کي ٿلهي ليکي ئي قبول ڪري سگهبو. ڇوتہ خيرپور ضلعي جِي اوپر واري وسيع ايراضي توڙي روهڙي، ميرپور ماٿيلي ۽ اباوڙي تعلقن جي ايرندي طرف واري پٽيءَ ۾ سنڌيءَ جو سنئون سڌو ٽري محاورو ڳالهايو وڃي ٿو. ٻئي طرف جيڪب آباد ۽ لاڙڪاڻي ضلعي جي اولهندي پاسي بلوچستان جي شورڻ ۽ سبيءَ واري علائقي ۾ بہ اترادي محاورو رائج آهي. اباوڙي تعلقي جي اتر ۾ وري ماڇڪي جي ٻوليءَ جو گهڻو اثر آهي. اتان جي ٻوليءَ کي ”سرائڪي سنڌي“ تہ سڏي سگهبو پر ان کي اترادي ٻولي يا سريلي ٻوليءَ ۾ شمار ڪري نہ سگهبو... ائين ڪٿي چئجي تہ ”اترادي محاورو“ لاڙڪاڻي (قمبر شهدادڪوٽ)، شڪارپور، جيڪب آباد، سکر ۽ خيرپور ضلعن تي پکڙيل آهي. البتہ اهي ايراضيون جي بلوچستان، پنجاب ۽ هندوستان سان بلڪل متصل آهن، تن ۾ سندن قريبي علائقي وارين ٻولين جو اثر آهي، جنهن ڪري اتي ڳالهايل ٻولين کي نج اترادي محاورو سڏي نہ سگهبو.“[6] ڊاڪٽر داد محمد خادم بروهيءَ پنهنجي ڪتاب ”سبيءَ جي ٻولي“ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اترادي محاوري تي ٻين ٻولين جي اثر جي حوالي سان لکيو آهي تہ ”اترادي محاوري تي سرائڪي، بروهي ۽ بلوچي زبانن جو اثر نظر اچي ٿو. ڇوتہ اهي ٻوليون ڳالهائڻ وارا ماڻهو هن علائقي ۾ ڪافي تعداد ۾ رهن ٿا ۽ صدين کان اتي ئي رهائش پذير آهن.“[7]

جاگرافيائي لحاظ کان سرو ۽ لاڙ سنڌ جا بہ ڇيڙا آهن ۽ ٻنهي علائقن وچ ۾ هڪ وڏو فاصلو موجود آهي. اهڙي طرح ٻنهي علائقن ۾ ڳالهائي ويندڙ سنڌي ٻوليءَ جي لهجن ۽ اچارن ۾ وڏي تبديلي نظر ايندي. حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ لکيو آهي تہ ”سنڌ جي لاڙ ۽ سري جي ٻولين ۾ وڏو فرق آهي. ايتري قدر جو صدها، بلڪ هزارها لفظ لاڙ واري حصي جا اهڙا آهن، جي سِري جا ماڻهو بنهہ سمجهي ڪين

سگھندا آهن. اھڙيءَ طرح سري جي ٻوليءَ ۾ بہ ڪيئي اهڙا لفظ آهن, جي لاڙ جا ماڻهو مشڪل سمجھندا آهن. انهيءَ کان سواءِ ٿر ۽ ڍٽ جي ٻولي وچان ئي نرالي آهي. شاهہ ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ ڏسجي ٿو تہ سڀ ڪنهن قسم جي سنڌي ڪم آندل آهي, پر لاڙ جي سنڌي ڪجهہ مٺڙي سرس ورتايل آهي. جيتوڻيڪ لاڙ ۽ سري جي ٻوليءَ جا خاص خاص لفظ ڏاڍا وڻندڙ ۽ پيارا آهن, پر اهي پنهنجي حد ۾ ئي ڪم اچن ٿا, لاڙ جا لفظ سري ۾ ۽ سري جا لاڙ ۾ ڪم نہ ٿا اچن. ڳالهائڻ توڙي لکڻ ۾."[8]

سنڌ جي هر خطي ۾ ڳالهائي ويندڙ سنڌي ٻوليءَ جي لهجن جي پنهنجي پنهنجي اهميت آهي. هر علائقي جي لهجي, ڍار ۽ اچار ۾ فرق آهي ۽ هر محاوري ۾ پنهنجي حسناڪي موجود آهي. پروفيسر شيخ محمد فاضل اترادي لهجي جي اهميت اجاگر ڪندي لکي ٿو تہ "اترادي لهجي جي اڀياس مان معلوم ٿئي ٿو تہ هي لهجو لغت جي اعتبار کان وڏيڪ شاهوڪار ۽ گرامر جي قاعدن قانونن جي بيمثال پختگيءَ جو حامل آهي. هن لهجي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ٻين لهجن جي ڀيٽ ۾ نهايت قيمتي مواد موجود آهي, جنهن جي آڌار تي سنڌي ٻوليءَ جي ارتقائي تاريخ معلوم ڪرڻ جا گهڻائي موقعا ميسر ٿي سگهن ٿا."[9]

اترادي ٻوليءَ ۾ وڏو ادبي ذخيرو موجود آهي. سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ سان گڏ لوڪ شاعريءَ جو نهايت وڏو خزانو هن لهجي ۾ ملي ٿو. منصوري فڪر سان سلهاڙيل سنڌ جي سرمست شاعر حضرت سچل سرمست کان سواءِ سامي چيئن راءِ, قادر بخش بيدل, فقير محمد بيڪس, خوش خير محمد, روحل فقير, فقير تارڪ نجفي, وريل فقير ۽ ٻيا ڪيترا ئي شاعر جيڪي سنڌ جي اترادي حصي سان تعلق رکن ٿا, تن جي ڪلام ۾ اترادي لهجو غالب نظر اچي ٿو. ان حوالي سان ادب جي دفترن ۾ اترادي لهجي جو قديم ترين نمونو قاضي قادن (1443 ــ 1551) جي ڪلام جي صورت ۾ موجود آهي, جنهن کي قدامت جي لحاظ کان سنڌ جو پهريون وڏو ڪلاسيڪل شاعر سمجهيو وڃي ٿو. ان کان علاوه جديد سنڌي شاعريءَ جي مهندار شاعر شيخ اياز کان علاوه ڪشنچند بيوس, هري دلگير, تنوير عباسي, تاجل بيوس, عبد الڪريم گدائي, عطا محمد حامي سان گڏ موجوده دور جي سوين سهڻن شاعرن جو تعلق بہ سنڌ جي اتر واري علائقي سان آهي, ۽ انهن جي ڪلام تي سنڌي ٻوليءَ جو اترادي لهجو حاوي آهي.

”شاهہ لطيف پنهنجي ڪلام ۾ جيڪا سنڌي ٻولي استعمال ڪئي آهي، ان کي ڪن عالمن لاڙي تہ ڪن وچولي واري ٻولي ڪوٺيو آهي پر حقيقت ۾ اها نهايت ڪشادي ۽ گهڻ رخي آهي. ڀٽائيءَ جي ٻوليءَ ۾ سنڌ جي مختلف طبعي ڀاڱن ۾ استعمال ٿيندڙ سنڌي ٻوليءَ جا لفظ، اچار ۽ لهجا موجود آهن. لطيف سائين پنهنجي سير سفر دوران سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر ڳالهائي ويندڙ سنڌيءَ جي هر لهجي کي اپنايو ۽ پنهنجي ڪلام ۾ جاءِ ڏني.“ [10] لطيف سائينءَ سنڌ جي درياهي، سامونڊي، ٿر، ڪڇي، ڪاڇي ۽ ٻين علائقن ۾ ڳالهائي ويندڙ سنڌي جي خاص اصطلاحن ۽ محاورن کي پنهنجي ڪلام ۾ استعمال ڪيو آهي. قرآن، حديث، رومي ۽ ڪبير جي شعرن جو تت ڪڍي پنهنجي شاعريءَ ۾ پيش ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح سندس ڪلام تي عربي، فارسي ۽ هندي ٻولين ۽ ادبيات جو گهرو اثر موجود آهي، پر خاص طور سنڌي ٻوليءَ جي الڳ الڳ لهجن کي هن پنهنجي ڪلام ۾ اهڙي ريت استعمال ڪيو آهي، جو سندس رسالو سنڌي ٻولي جي جدا جدا محاورن سان گڏجي هڪ حسين گلدستو بڻجي پيو آهي.

اسان جڏهن سنڌي ٻوليءَ ۽ ان جي لهجن جي ڳالهہ ڪريون ٿا تہ سنڌ جي طبعي ڀاڱن ۾ ڪم ايندڙ ٻوليءَ ڏانهن ئي ڌيان ڇڪجي وڃي ٿو. هتي اسان جو موضوع بہ اهو ئي آهي پر شاعراڻي اصطلاح ۾ لهجي مان مراد رڳو ڪنهن مخصوص طبعي ڀاڱي ۾ ڪتب ايندڙ ٻولي يا لهجو نہ پر ڪنهن شاعر جو مخصوص اندازِ بيان آهي. ان حوالي سان امداد حسيني لکيو آهي تہ ”شاعريءَ ۾ لهجي مان مراد اسٽائيل / اسلوب ورتي ويندي آهي. هر شاعر جو پنهنجو هڪ مخصوص لهجو اسٽائيل يا اسلوب هوندو آهي ۽ ان مان ئي شاعر جي انفراديت جو تعين ڪيو ويندو آهي ۽ اسين شعر پڙهڻ، ٻڌڻ شرط پروڙي وٺندا آهيون تہ اهو ڪنهن جو شعر آهي. لهجي جو تعين ٻوليءَ، شبد ـ ڀنڊار، اچار، نغمگيءَ، رواني، لفظن جي گهڙت جڙت، سِٽَ ـ سِٽاءُ، سُر، گهاڙيٽي، معنيٰ ۽ مقصد جي آڌار تي ڪيو ويندو آهي. اهي سمورا ڳُڻ ـ سَڳُڻ ڳوهجي سوهجي، شاعريءَ ۾ گڏجي سڏجي ٿا وڃن ۽ انهن جي مجموعي تاثر کي اسين لهجو چئون ٿا ۽ اڳتي هلي اهو شاعر پنهنجي مخصوص لهجي جي آڌار تي ئي سڃاپجي ٿو. اهو لهجو شاعر جي فطرت جو حصو ٿي ويندو آهي.“ [11] شاهہ لطيف جي ڪلام جي معاملي ۾ اسين ڏسندا سين تہ هن سنڌ جي مختلف طبعي ڀاڱن جي لهجن کي ڪتب آڻيندي حقيقت ۾ هڪ نئين لهجي کي جنم ڏنو آهي. ان کي اسان

لطيفي لهجو چئي سگهون ٿا. اهوئي لهجو شاهه جي ڪلام جي سڃاڻپ آهي.

امداد حسينيءَ مطابق ”لطيف سائين سڄي سنڌ گهميو آهي. عام ماڻهن، سُگهڙن، گُني ماڻهن، راڳين، شاعرن، عالمن سان مليو آهي، انهن سان صحبتون ڪيون اٿس. ان ڪري سندس شاعريءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جا سمورا لهجا اچي ويا آهن. اترادي، وچولو لاڙي، ٿري، ڪڇي، ڪوهستاني ۽ لاسي – انهن مڙني لهجن کي شاهه سائينءَ ٻڌو ۽ پاڻ ۾ جذب ڪيو ۽ اهي سمورا لهجا سندس فطرت جو حصو بڻيا ۽ جذب، ڪيف ۽ وجداني ڪيفيت ۾ اهي سندس شاعريءَ ۾ اچي ويا آهن. شاهه سائين سان اٿاهه محبت ۽ عقيدت جي ڪري، انهن لهجن جا ڳالهائيندڙ لطيف کي پنهنجو سمجهن ٿا... مثلاً ج. ع منگهاڻي ”شاهه لطيف جي ٻولي – تحقيقي جائزو“ ۾ لطيف سائين جي لفظن کي ڪوهستاني ۽ لس ٻيلي جا لفظ چوي ٿي... ان ريت اترادي دوست لطيف سائينءَ کي پنهنجي لهجي ۾ پڙهندا آهن ۽ چنڊ کي چنڊر، ڇُون کي ڇَونَ، پُون کي پَوَن، رُون کي روئڻ، ڪؤنر کي ڪنور ۽ پؤنر کي پنور پڙهندا آهن. اهي اچار سندس عين لهجي مطابق آهن. جيئن ٺيٺ لاڙي ”پٽ“ کي ”ٻٽ“ اُچاريندا آهن.“ (12)

ڊاڪٽر غفور ميمڻ جي اها راءِ درست آهي ته ”پٽائي جي ٻوليءَ بابت سنڌ جا عالم لهجن ۽ علائقن ۾ ورهايل آهن. اترادي پنهنجي معنيٰ ٿو ڏي، لاڙي چوي ٿو آئون صحيح آهيان، ٿري پنهنجي معنيٰ ڪيدي وينو آهي، ڪوهستان وارو چوي ٿو ته پٽائي جي بيتن جي لفظن جي معنيٰ صرف اسان کي اچي ٿي. ڪي عالم اهڙا به آهن جيڪي پٽائيءَ جي ٻوليءَ کي معياري يا اڪيڊمڪ لهجي ۾ تبديل ڪرڻ جي خواهش رکن ٿا. شاهه بيتن جي موسيقي ۽ جماليات ناهڻ لاءِ سيئي لهجا استعمال ڪيا آهن، ايتري قدر جو عربي ۽ فارسيءَ جا لفظ به انهيءَ موسيقيءَ لاءِ استعمال ڪيا اٿس. (13)

شاهه سائينءَ جي ڪلام ۾ جيڪا وسعت ۽ گوناگونيت آهي ان جو وڏو ڪارڻ ئي اهو آهي ته هن جو مڪمل ڪلام سنڌي ٻوليءَ جي ڪنهن هڪ لهجي تي آڌاريل نه آهي، پر ان ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مختلف لهجن جي آميزش موجود آهي. ”شاهه صاحب جن جن خطن جو سير ڪيو، انهن مان هر خطي جي ماحول ۾ رائج مقامي لهجي، ان لهجي جي خاص خاص لفظن، فقرن، اصطلاحن، چوڻين ۽

پهاڪن کي، پنهنجي رسالي جي مختلف سُرن ۾ محفوظ ڪيو. ان کان سواءِ انهن خطن ۾ رهندڙ ماڻهن جي ڪرت، ڌنڌن ۽ مشغلن ۾ ڪم ايندڙ لفظن جي وڏي خزاني کي بہ پنهنجي رسالي جي لغوي خزاني جو حصو بڻائي ڇڏيو. اهڙيءَ طرح هن، سنڌي ٻوليءَ جي ڌار ڌار لهجن، جهڙوڪ: اترادي، وچولي، لاڙي، ٿري، ڍاٽڪي، پارڪري، ماڃري، ڪارائي، منڇري، درياهي، ڪوهستاني ۽ ڪاڇي واري لهجي کان سواءِ، لاسي، جدگالي ۽ فراقي لهجن کان سواءِ ميواڙي، مارواڙي، جيسلميري ۽ ڪڇي ٻولين جي لغوي خزاني کي بہ پنهنجي ڪلام ۾ استعمال ڪيو. شاهہ صاحب انهيءَ سموري لغوي خزاني کي سنواريو، سڌاريو، ان ۾ نواڻ آندي ۽ سنڌي زبان کي هر لحاظ کان وسيع، مائيدار ۽ شاهوڪار بنايو." (14) اهڙيءَ طرح شاهہ سائين سنڌي ٻوليءَ جي متروڪ ٿيل لفظن کي پڻ پنهنجي ڪلام ۾ محفوظ ڪيو. شاهہ جي ڪلام ۾ گهڻ معنائن وارن لفظن لاءِ هڪ هڪ لفظ ڪم آڻڻ، لفظن جي نئين وياڪرڻي صورتن جوڙڻ، سادن ۽ بنيادي لفظن جي پڻيان پڇاڙيون ملائي نوان لفظ ناهڻ، ٻٽن يا تڪراري لفظن جي استعمال، ابتڙ لفظن يا لفظن جي ضدن جي استعمال، هڪ لفظ لاءِ گهڻن هم معنيٰ لفظن جي استعمال، سنڌي وياڪرڻ جي متصل ضميرن جي استعمال، ٻوليءَ ۾ حالتن جي گردانن جي استعمال، حرف جرن جي استعمال، اسم تصغير جي استعمال، فعل متعدي مجهول جي استعمال، اسم مفعول جي استعمال، مخفف صورتن جي استعمال وارين خصوصيتن جي حوالي سان ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جو تحقيقي اڀياس بي مثال آهي. (15) ڊاڪٽر الانا صاحب شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ حسن بيانيءَ وارين خوبين کي بيان ڪندي لکيو آهي "علم السان جي نقطہ نگاهہ کان، حسن بيانيءَ جي حوالي سان، شاهہ صاحب پنهنجي ڪلام جي ٻوليءَ ۾ نوان تجربا ڪري، سنڌي ٻوليءَ جي عبارت ۽ اسلوب ۾ انقلابي تبديليون آڻي ڇڏيون." (16)

شاهہ لطيف پنهنجي ڪلام ۾ پنهنجي ڀاڄاري ٻوليءَ کي اهڙي ريت استعمال ڪيو آهي جو مٿي ذڪر ڪيل خاصيتن کان علاوه بہ سندس شاعريءَ ۾ ڪيئي لغوي ۽ لسانياتي خوبيون پيدا ٿي پيون آهن. تڏهن ئي تہ علامہ دائود پوٽي چيو آهي تہ "شاهہ جي بزرگي ۽ شهرت هن حقيقت ۾ سمايل آهي، جو هن پنهنجي ڀاڄاري ٻوليءَ جي وسيلي سنڌ جي خاص توڙي عام ماڻهن جي خيالن ۽ افڪار جي خاصي ترجماني ڪئي آهي. سندس زبان ۾ اها سلاست ۽ صفائي، اها شيريني ۽

شيوائي، اها رنگيني ۽ رعنائي، اها جاذبيت ۽ ارڏائي، اها فصاحت ۽ بلاغت، اها لطافت ۽ نزاڪت، اها اونهائي ۽ پنهائي رکي آهي، جو پڙهيلَ سواءِ دقت جي ڪيس پڙهي ۽ پُرجهي سگهن ٿا. جهانگي جهنگن ۾ جهجهندي، ڌنار ڌڻ چاريندي، هاري هر ڪاهيندي، زالون انَ پيهندي ۽ هنڌ سوريندي، پورهيت پورهيو ڪندي، غريب ۽ شاهوڪار، اعليٰ ۽ ادنيٰ، هندو ۽ مسلمان، سندس بيت جهونگارين ٿا." [17] ظاهر ٿيو ته ڀٽائيءَ کي عوامي پذيرائي ملڻ جو هڪ وڏو ڪارڻ سندس ٻوليءَ جو خوبصورت ۽ فنڪاراڻو استعمال آهي، اها ٻولي جيڪا پنهنجي پوري جاذبيت ۽ سگهه سان قاريءَ جي حواسن تي ڇانئجي وڃي ٿي. "لطيف جيڪو سدا حيات شاعر جو پد ماڻيو آهي، ته ان ۾ خود لطيف جي خلقيل ٻوليءَ جو وڏو عمل دخل آهي ۽ ظاهر آهي ته اها ٻولي به امر آهي، جيڪا لطيف جي اظهار جو واحد وسيلو آهي. لطيف وٽ سٽاءُ ۾ جيڪو لفظن جو جڙاءُ آهي، ان جو جوهر اڄ تائين نه رڳو جهڪو نه ٿيو آهي، بلڪ اهو ڏينهون ڏينهن وڏيڪ جرڪندو ٿو وڃي..... لطيف وٽ لفظُ هيري مثل آهي ۽ لطيف ان جي تراش خراش ڪري، سِٽَ سَريءَ ۾ پوئي ان جي معنيٰ جا ست ئي رنگ جهرڪائي ڇڏيا آهن." [18] لطيف جي هيرن جهڙن لفظن نه رڳو ٻوليءَ جي سونهن ۽ سوڀيا وڌائي آهي پر ان سان سنڌي ٻوليءَ ۾ خوبصورت لفظي ذخيري جو به اضافو ٿيو آهي. ڀٽائي صاحب پنهنجي ڪلام ۾ جيڪا ٻولي ڪتب آندي آهي ان جي خوبين تي ڳالهائيندي ڊاڪٽر پرسو گدواڻي پنهنجي ڪتاب "ڇپر ڇانوَن مکيون" ۾ لکي ٿو ته "شاعر پنهنجي رچنائن ۽ ٻوليءَ کي الڳ الڳ روپن ۾ ڪم آڻيندو آهي. اهڙي حالت ۾ ٻوليءَ جو ڪردارن موجب هجڻ ضروري آهي ۽ ان ڪري ٻوليءَ ۾ اصليت ۽ سپاويڪ جا ڳُڻَ اچي ويندا آهن... شاهه صاحب جي شعر ۾ هي گڻ تاجي پيٽي سمايل آهي. ڇا ته پنهنجي سورمين جي واتان دک داستان ۽ برهه جي باهه جا ورڻ سندن ئي سليس، منڙي ۽ ڇيندڙ ٻوليءَ ۾ چوايا اٿس." [19] گدواڻي صاحب شاهه جي ٻوليءَ جي حوالي سان وڌيڪ لکي ٿو ته "هر ڪنهن ويچار يا ڀاو کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ليکڪ يا شاعر کي لفظن جي چونڊ ڪندي ڪافي سُجاڳ ۽ هوشيار رهڻو آهي. ظاهر ڪيل ويچار يا ڀاو لاءِ صحيح لفظ جو استعمال ئي ڀاو ۽ ويچار جي اظهار جو ڪامياب ماپو آهي....... شاهه جو شعر ان گڻ سان ڀريو پيو آهي. سنڌس رسالي ۾ ڪو اهڙو اکر نه آهي جو گهرگهلو هجي." [20]

اسين هن مقالي ۾ شاهہ جي شاعريءَ تي اترادي لهجي جي اثر جي حوالي سان سنڌي ٻوليءَ جي اترادي لهجي جي صوتياتي ۽ صرفي خوبين تي روشني وجهندي ۽ اترادي ٻوليءَ تي ٻين ٻولين جي اثر کي ظاهر ڪندي پڌائيءَ جي ڪلام جِي پرک ڪرڻ جِي ڪوشش ڪندا سين. اهڙي ريت آخر ۾ سنڌ جي اتر واري علائقي ۾ استعمال ٿيندڙ خاص خاص لفظن کي سامهون رکندي پڌائيءَ جي اترادي لهجي تي ڳالهائيندا سين.

اسين شاهہ کي ان ڪري بہ سنڌي ٻوليءَ جي فقط ڪنهن هڪ لهجي جو شاعر نہ ٿا چئي سگهون جو هن پنهنجي عمر جا انيڪ سال سفر ۾ گذاريندي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ گُهمي ۽ هر خطي جي ثقافت ۽ ٻوليءَ جي لهجي کان متاثر ٿيو. اتر ۾ هن خيرپور، سکر، روهڙي، گهوٽڪي، لاڙڪاڻي، شڪارپور ۽ ٻين ضلعن ۾ پنهنجا پيرِ ڏريا جتي اڄ تائين پڌائي جا تڪيا، لوڙها، اوتارا ۽ دونهيون قائم آهن. خاص طور شڪارپور ضلعي جي ڳوٺ ترائي ۽ ڳاهيجا ۽ لاڙڪاڻي ضلعي جي نائچ ۽ نظر ڏيڻو ڳوٺ ۾ پڌائي جا تڪيا، خيرپور ضلعي جي ڳوٺ سڳيون ۽ ڄامڙا ۾ پڌائي جا لوڙها توڙي سکر ۾ گٽنگ واهہ لڳ رسول شاهہ مست تي شاهہ جو تڪيو ان حوالي سان خاص اهميت رکن ٿا. نائچن ۾ تہ لطيف سائين جو ڀهراڻ پڻ موجود آهي. اهڙي طرح شڪارپور، روهڙي ۽ گهوٽڪي شهرن ۾ پڻ لطيف جا تڪيا ملن ٿا. مطلب تہ لطيف سائينءَ پنهنجي سير سفر دوران سنڌ جي اترين يا سِري واري علائقي ۾ ڪافي عرصو گذاريو آهي، جنهن ڪري سندس ڪلام تي اترادي لهجي جو اثر سپاويڪ آهي.

**اترادي لهجي جو صوتياتي نظام ۽ شاهہ جو ڪلام:**

ٻوليءَ جي آوازي علم کي صوتيات (Phonology) چيو ويندو آهي. اهو لفظ عربي ٻوليءَ جي لفظ "صوت" مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "آواز". "آوازن جي گروه بندي ڪرڻ صوتيات جي مکيہ مقصدن ۾ شامل آهي. هر ٻوليءَ کي پنهنجو پنهنجو صوتياتي سرشتو آهي. ٻولين جي لهجن ۽ محاورن جو صوتياتي سرشتو ۽ معياري ٻوليءَ جو صوتياتي سرشتو ساڳيو هوندو آهي، سواءِ ڪن جزوي فرقن جي." [21] "ٻولين جي آوازن جو اڀياس هن وقت علمي صورت اختيار ڪري چڪو آهي، جنهن کي علم آواز (Phonetics) سڏجي ٿو... صوتيات جون بہ مکيہ شاخون آهن: هڪ علم آواز (Phonetics) ۽ ٻي علم صوتيہ (Phonemics). انهن ٻنهي کي

گڏي صوتيات سڏجي ٿو. ازنسواءِ ان ۾ آوازن جي ڊگھائپ، بلندي، تيزي ۽ لاهه چاڙهه يعني ڍار جو به جائزو ورتو ويندو آهي.“ (22)

ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ لکيو آهي ته ”هر ٻوليءَ جو پنهنجو مزاج ٿيندو آهي، ۽ ان ٻوليءَ جا لهجا ان جي مزاج موجب ٺهندا آهن. ڪن ٻولين ۾ لفظن جا اچار مقرر ۽ مستقل ٿين ٿا. انهن ٻولين ۾، لفظن کي فقط هڪڙيءَ ريت اچاري سگھجي ٿو ۽ ڪنهن به صورت ۾ انهن جي اچارن ۾ ڦير گھير نه ٿي ڪري سگھجي. لکيل صورت ۾ انهن ٻولين جون اعرابون مستقل آهن. مثلاً عربيءَ جو لفظ محبت آهي، ته عربيءَ ۾ اهو هر حالت ۾ انهيءَ طريقي سان اچاريو ويندو، جيئن لکيو ويو آهي، يعني م ۽ ح تي زبر، ب تي شد ۽ ت تي جزم. ڪنهن به صورت ۾ ان جي اچار ۾ ڦير گھير نه ايندي، لفظن جا اچار متعين آهن، ۽ هر حال ۾ ساڳيا هوندا آهن. ان جي بر عڪس، ڪن ٻولين ۾، ڪن لفظن توڙي لکيل ٻولي ۾ گھٽائي يا وڌائي سگھبو آهي، يا ڪن حالتن ۾ ڇڪي تاڻي سگھبو آهي. يورپي ٻولين مان اهڙي هڪ ٻولي آهي انگريزي، ۽ ننڍي کنڊ جي ٻولين مان اسان جي سنڌي ٻولي هڪ آهي.

هر ٻوليءَ وانگر سنڌي ٻوليءَ کي به پنهنجو لهجو آهي، جيڪو اچارن جي بنياد تي ٻڌل آهي، ۽ ٻين ٻولين وانگر سنڌي ٻوليءَ جي اها خاصيت آهي، ته هوءَ پاڻ ۾ آيل ٻولين جي لفظن جي اچار کي پنهنجي لهجي آهر مٽائي ٿي ڇڏي، جيئن مٿي ڄاڻايل عربيءَ جو لفظ ”محبت“ سنڌيءَ ۾ لهجي جي اثر هيٺ ڦري مَحَبَتَ ٿيو وڃي. شاهه لطيف به چيو آهي:

مَحَبَتَ پائي من ۾، رنڍا روڙيا جن.“ (23)

ڊاڪٽر هدايت پريم جي چوڻ موجب ”سنڌي ٻوليءَ جي معياري لهجي ۽ اترادي لهجي جي صوتياتي سرشتي ۾ ڪوبه فرق نه آهي سواءِ هيٺ ڄاڻايل عيوضي آوازن (Allophones) جي: ٽر، ڊر، ڍر، ٺر.... سنڌي الف بي ۾ (ٽر)، (ڊر) ۽ (ڍر) آوازن جي نمائندگي ڪرڻ لاءِ ڪوبه اکر مقرر ڪونه ڪيو ويو آهي. اترادي ماڻهو لکيل اکر ”ٽ“ کي ”ٽر“ ۽ ”ڊ“ کي ”ڊر“ ڪري اچاريندا آهن. در اصل جنڊُ، پاٽِ ۽ پُٽُ لفظن کي سنسڪرت ۾ جندر، چندر، پاتر وغيره چيو ويندو آهي. اهي لفظ جيڪڏهن سنسڪرت مان سنڌيءَ ۾ آيا آهن ته انهن جي اچار ۾ (ر) هٽڻ وڌيڪ درست آهي، پر جيڪڏهن سنڌيءَ مان سنسڪرت ويا آهن ته به ائين چئي سگھجي ٿو ته اصل ۾ ٽي

انهن لفظن ۾ (ر) آواز شامل هو. يا اجا بہ ائين ڪٿي چئجي تہ اهي لفظ سنسڪرت ۽ سنڌي ٻنهي ۾ هڪجهڙا آهن. جوتہ ٻئي همعصر ۽ پينر ٻوليون آهن تہ بہ (ر) جو آواز ٻنهي ٻولين ۾ هيٺ گهرجي."[24] اهڙي طرح سرائڪي ٻوليءَ ۾ بہ "چنڊ" کي "چندر" ۽ "پُٽَ" کي "پتر" چيو ويندو آهي.

شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ اهڙا ڪيئي لفظ ملن ٿا، جن کي معياري لهجي ۾ "رِ" کان سوا اچاريو ويندو آهي ۽ اترادي لهجي مطابق انهن لفظن جي آخر ۾ "ر" گڏائي کين ڏگهو ڪري مرڪب لفظ طور اچاريو ويندو آهي.

چوڏهينءَ چَندَ! تون اُڀرين، سَهسين ڪَرِئين سينگارَ

❊❊

چَندَ! تنهنجِي ذاتِ، پاڙيان نہ پِريُنِ سين

❊❊

چَندَ! چوانءِ سَچُ، جي مَنِي مور نہ پائِئين (سُر ڪنيات، د 1)

❊❊

چِمڪَنِ چوڏَس چَندَ جِئَن، وِجڙِيُون وَهِسَنِ (سارنگ، د 3)

❊❊

جَندِي پايو جانِ ۾، ڏُکِي ڏُکَ ڏَري (حسيني، د 4)

❊❊

پايو جَرُ جَندَنِ ۾، ڪوڏان ڪَنّ ڪِهُون (مارئي، د 8)

❊❊

عَليءَ پُٽَ اَميرَ، ڪَندا راڙو رُکَ سين (ڪيڏارو، د 1)

❊❊

پِنَن جِو پَٽُ کَٽِي، سو جي سُجاڻِنِ (رامڪلي، د 7)

❊❊

پَٽُ هَٽِي پَٽَ سين، پيري تِنِ پَگو (رامڪلي، د 9)

❊❊

سا سِٽَ نہ سارين، اَلف جنهن جي اَڳ ۾ (يمن ڪلياڻ، د 5)

❊❊

سارَنگَ سائي سِٽَ، جَهڙِي لالِي لاکَ جي (سارنگ، د 2)

❊❊

اَمڙِ! اوري اَڄُ، تہ سِٿَ سُٽايَنءِ سُورَ جِي (حسيني، د 2)

**

سا لُونِي لِيلان جِيئن، مَٽِيو جنهن مِٿُ ڪَيو (معذوري، د 2)

**

ماٽِڪُ مِٿُ سَندومِ، اونداهِيءَ ۾ سوجِهرو (ديسي، د 6)

**

اَڳِهيا سُٿَ سَندَنِ، پائي ترازِيءَ نہ تورِيا.

**

سُٿُ اُنِين جو سَڦرو، جي پَرِ ۾ پِيچائِين (سُر ڪاپائتي)

شاهہ سائينءَ جي مٿين بيتن ۾ چندُ، جندُ، پُٿُ، پَٿُ، سِٿَ، مِٿُ ۽ سُٿُ لفظن هيٺان ليڪ ڏئي ڪين واضح ڪيو ويو آهي. اهي ۽ اهڙا ٻيا لفظ اترادي لهجي موجب آوازي ڦيري سان اچاريا ويندا آهن ۽ انهن سيني لفظن پٺيان "ر" گڏائي ويندي آهي.

ڊاڪٽر بلوچ جو خيال آهي تہ "جندر" جو اچار اصلي سنسڪرت اچار جي نزديڪ تر آهي ۽ انهيءَ ڪري پڪي سنڌيءَ جي اچار (جندر) کان وڌيڪ صحيح آهي. تعجب جي ڳالهہ آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي ڪڇي محاوري ۾ "ڊ" بجاءِ "در" ۽ "ٿ" بجاءِ "تر" اصلي ۽ صحيح اچار لفظن ۾ موجود آهن. سنڌيءَ جي وچولي واري پڪي محاوري ۾ "در"، "تر" جي صورتن ۾ ڪن لفظن ۾ موجود آهن. (جيئن تہ جندر، چندر، پاتر، پٽر) مگر حيدرآباد خواه نصرپور جي مڪاني ۽ آس پاس واري "چالو عامہ" ۾ اهي اچار سُسي سُڪي وڃي "ڊ" ۽ "ٿ" تي بيٺا آهن. (چنڊ، پُٿُ). حيدرآباد جي پڙهيلن وري پنهنجي اڻ ڄاڻائيءَ سبب اهي سُڪا ۽ مڪاني اُچار سنڌي صورتخطي ۾ رائج ڪري ڇڏيا. ڪڇي محاوري ۾ عام طور "چنڊ" کي (چندر)، "جنڊُ" کي (جندر)، "پاٿِ" کي (پاتر)، "پُٿَ" کي (پتر)، "هيڊ" کي (هيدر)، "چيٿ" کي (چيتر)، "ٻڊو" کي (ٻدرو)، "کيٿ" کي (کيتر)، "ڏانڊو" کي (ڏاندرو)، "جوٽڙ" کي (جوترڙ)، "مِٿَ" کي (متر)، "ننڊ" کي (نندر) وغيره ڪري اچاريندا آهن ۽ اهي اچار از روءِ لغت وڌيڪ صحيح آهن."[25]

ڊاڪٽر قاسم ٻگهيي موجوده دور ۾ وچولي واري لهجي جي آوازي ڦرڻن تي تحقيق ڪندي اهو نتيجو ڪڍيو آهي تہ "گريئرسن کان پنجاهہ سال بعد ڊاڪٽر بلوچ (1965) ۽ ڊاڪٽر الانا (1967) جي تجزيي مطابق تہ اها "ر" صرف سريلي

محاوري جا ڳالهائيندڙ "تي"، "ڪنڊ" ۽ "ڏي" وغيره لفظن ۾ استعمال ڪن ٿا ۽ وچولي توڙي ٻئي ڪنهن بہ سنڌي محاوري جا ڳالهائيندڙ استعمال ڪونہ ٿا ڪن..... وقت سان گڏ سنڌيءَ ۾ اهم لسانياتي تبديلي رونما ٿي چڪي آهي، جنهن مطابق "ر" جو مقامي / فطري اچار "نہ اچارڻ" واري ڦرڻيءَ ۾ تبديلي ٿي چڪي آهي."[26]

"ارنيسٽ ٽرمپ اترادي ٻوليءَ لاءِ راءِ ڏني آهي تہ ان جا اچار چٽا آهن. چٽن اُچارن مان مراد آهي تہ سُر آواز نمايان آهن ۽ پوريءَ ريت ڪڍيا وڃن ٿا. ان جي وضاحت اها آهي تہ اتر ۾ چئبو "چيائون" تہ لاڙ ۾ ان جو اُچار آهي "چئون" يا "چيئون". اترادي لهجي ۾ لاڙ جي لهجي جي مقابلي ۾ هي فرق آهي جو سري ۾ "آ" يا "اَ" جو سُر آواز لاڙ جي لهجي ۾ "اِ" يا "اي" ٿئي ٿو. مثلاً:

| اترادي لهجو | لاڙي لهجو |
|---|---|
| جَن | جِن |
| تَن | تِن |
| ڪَن | ڪِن |
| جاتي | جِتي |
| تاتي | تِتي |
| ڪاتي | ڪِتي[27] |

ڪاڪي ڀيرو مل جَن، تَن ۽ ڪَن جا واحد لفظ جَنهن، تَنهن ۽ ڪَنهن مان مثال ڏيندي لکيو آهي تہ "جَنهن، تَنهن ۽ ڪَنهن لفظن جي مُنڍ ۾ جڏهن زبر ( َ ) يعني "آ" جو اُچار آهي، تڏهن جمع جَن، تَن ۽ ڪَن ۾ بہ ساڳيو ئي اُچار "آ" جو هئڻ گهرجي، تنهن ڪري چئبو تہ اتر وارا صحيح آهن."[28]

ان سلسلي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي معياري ۽ ڪوهستاني لهجي جو مطالعو بہ اهميت رکي ٿو.

| معياري لهجو | ڪوهستاني لهجو | اترادي |
|---|---|---|
| جِتي | جِت | جاتي، جاٿي |
| ڪِتي | ڪِت | ڪاٿي |
| هُتي | هُت | هُتي |
| آهي | اَهي | آهي |

مٿئين چارٽ مان معلوم ٿئي ٿو ته اترادي لهجو ڪوهستاني لهجي کان بنهه مختلف آهي. جڏهن ته ڪٿي ڪٿي معياري ۽ اترادي لهجي ۾ لفظ ساڳئي تلفظ، سُر ۽ آواز وارا ملن ٿا. جئين ”هُتي“ يا ”آهي“.

شاهه لطيف پنهنجي رسالي جي الڳ الڳ سُرن ۾ اترادي لهجي مطابق ساڳئي تلفظ وارا لفظ استعمال ڪيا آهن. لاڙ جي ماڻهن کي اهو اعتراض ٿي سگهي ٿو ته لطيف جي رسالي جي مرڪزي ٻولي جيئن ته لاڙي آهي، تنهن ڪري لاڙي لهجي مطابق جَن، تَن، ڳَن، جَنهن، تَنهن، ڳَنهن جهڙا اکر زير سان اچارڻ گهرجن پر شاهه جي رسالي جي مختلف مرتبن اهي لفظ تلفظ جي چٽائيءَ خاطر پهرين اکر تي زبرَ ڏئي مختلف رسالن ۾ شامل ڪيا آهن. هيٺ ڪجهه مثال پيش ڪجن ٿا:

**جَنِ**

سمنڊُ سوجهي جَنِ، آٺي اَمُلَ اوليا. (سريراڳ، د 2)

**

پَکِّهَہ چوڙي جَنِ، وڏا ٻيڙا ٻارِ ۾. (سامونڊي، د 2)

**

تَنُ تَسبِيحَ، مَنُ مَٽِيو دِلِ دَنبُورو جَنِ (آسا، د 4)

**

ڏِسِي ڏوري ڏُونگَرين، واٽَ وِڃائِي جَنِ (ڪاهوڙي، د 3)

**

اَچِي پِيا آٽ ۾، واٽَ وِڃائِي جَنِ (رامڪلي، د 1)

**جَنهن / جَنهين / جَنين**

سودو سوئِي چِڏِ، جَنهن ۾ جَواهِرُ ناهِ ڪِي. (سريراڳ، د 4)

**

جَنهِن کي سِڪَ ساهَڙَ جِي، پُورَنِ مٿي پُورَ؛
ڪارِيءَ راتِ ڪُنَنِ ۾، وَهَمَنِ ڪِي وَهلُورَ؛
جَنهِن کي ساڻُ پِريان جا سُورَ تَنهِنکي نَدِي ناهِ نِگاهَ ۾. (سهڻي، د 3)

**

جَنهن مُون سَپِ جَمارَ جَرَ ۾ جهوتُون ڏِنِيُون. (سهڻي، د 4)

**

ويهُہ داتا جي دَرَ تي، شُڪُر جَنهن جُڳاءِ (سهڻي، ابياتِ متفرقہ)

**

سوڍِيُون سِجهائي وِيا، هَهِڙا جَنِين حالَ (مومل راڻو د 3)

**

چِتَ جَنين جا چُورَ، سي مَکي مَرَڪُ نہ ڪنديون. (مارئي، د 4)

**

وينِي جَنهِين وَرهَہ تِيا، مَتِي سين ميري (رامڪلي، د6)

**

جَنِين جي جهڙَپ، هاٿِي هَنڌان ٿِي نہ چُري. (ڪارايل، د 2)

### تَنِ

ساهَڙُ سَندو تَنِ، گهاگهائي گِهڙنِ جي

**

پُرزو پيٽدا نہ ٿِـئي، تَختو مَنجهان تَنِ (سهڻي، د 2)

**

وَٽان ويـهِي تَنِ، سُرڻُ تہ سوزُ پرائِيين. (سسئي آبر، د 11)

**

وارِثُ وَري تَنِ، اَچي شالَ اولو ڪَري. (سارنگ، د 2)

**

ديکُ مَ ٿون سين تَنِ، هِي جي مَجازِياڻِيُون مُنهَن ۾ (آسا، د 3)

**

تَنِ اَکِيُنِ اُتان سُکَ، کِلندي کَڻَنِ جي (پورب، د 2)

### تَنهن / تَنهين

تَنهِن عِشقَ کي شاباسِ، جَنهِن مُحبَتي ميڙِيا. (ڪارايل، د 1)

**

اِيندي لَڄَ مَرَنِ، تَنهِن سَرَ مٿي هَنجَڙا. (ڪارايل، د 1)

**

کُهِي جا کَنيائِين، وِکَ تَنهين ويجهي ڪَئِي (سسئي آبري، د 9)

**

ماريَسِ سُورَ تَنهين، جو نہ جِتَاري، جيڏِيُون! (سُر حسيني، د 9)

**

تَنهِين ويرَ ڳيوم، وَڃَنُ ويڙيچَن سِين. (مارئي، د 1)

**

رُپو جنهن رَدّ ڳيو، ڪوڙ تَنهِين ڪي ڳُڻ (مارئي، د 3)

**

پَرو تَنهِين پوءِ، جو اُڃِهي پوءِ اُنِ تان (ڪاهوڙي، د 3)

**

مَڱُ تَنهِين ڪان، مَڱَڻا! جو ڏِيهاڙي ڏِئي (سُر پرڀاتي، د 1)

**ڳنهن / ڳنهين**

سو نہ ڳنهن شَيءِ ۾، جيڪِي مَنجِهہ تُرابَ (سهڻي، د 1)

**

ڳنهِن پَر رُئان پِرينءَ ڪي؟ اَندَرِ ناهِ اُساٽ (ڪوهياري، د 6)

**

ٻَڌو ڳنهن ٻَنڌاڻِ، هِنئڙو هوتاڻِيءَ سين (حسيني، د 12)

**

ڳنهِن ڳنهِن ڪاريءَ ذاتِ ڪي، مورَ بہ مَتائِين (ڪارايل، د 2)

**

ڪُپيرِيءَ ۾ پيرُ، ڳنهِين پاتو پيرِيين (ڪاهوڙي، د 3)

**

ماڙُهنِ ميڙائو ڳنهِين ڳنهِين پيٺئِين (ڏهر، د 1)

**

ڳنهِين ڪِينَ هِمَٿِيو ڪانَ جَهلِيندو ڪيرُ؟ (بلاول، د 1)

مٿي ڏنل بيت ڪلياڻ آڏواڻيءَ جي رسالي مان ڪنيل آهن. جيڪي ڪنهن هڪ سُر منجهان نہ آهن پر ساري رسالي جي الڳ الڳ سُرن منجهان چونڊيل آهن، انهن مان ڪي سُر تہ آهن ئي لاڙ ڪوهستان ۽ ٿر جي پس منظر ۾ چيل. پر انهن لفظن جو لهجو خالص اترادي آهي. اهڙيءَ طرح ساڳين اچارن وارا لفظ ڊاڪٽر گربخشاڻي، غلام محمد شاهواڻيءَ، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ۽ ٻانهي خان شيخ جي مرتب ڪيل رسالن ۾ پڻ موجود آهن. انهن عالمن مان ڪنهن جو بہ سنڌ جي اتر واري علائقي سان

تعلق نہ آهي، جي هجي ها تہ اهو چوڻ ۾ هيڪ محسوس نہ ٿئي ها تہ هنن شاهہ جي رسالي کي پنهنجي ترَ جو لهجو ڏنو آهي. خاص طور جَن، تَن، ڳن وارو معاملو مذڪوره سڀني رسالن ۾ واضح آهي، البتہ جَنهن، تَنهن، ڳنهن يا جَنهين، تَنهين ۽ ڳنهين ۾ مختلف رسالن ۾ ڪٿي زير تہ ڪٿي زبر آيل آهي ۽ ڪٿي وري ڪائي اعراب ڏنل نہ آهي. ساڳين عالمن پنهنجن پنهنجن ترتيب ڏنل رسالن ۾ جِنهن، تِنهن ۽ ڪِنهن ۾ ڪٿي زير جو استعمال ڪيو آهي تہ ڪٿي زبر جو.

ڊاڪٽر غفور ميمڻ پنهنجي مقالي "شاهہ جي بيتن ۾ معنائن جا مونجهارا" ۾ ان حوالي سان امداد حسينيءَ جو حوالو ڏيندي لکيو آهي تہ "امداد حسينيءَ ڪجهہ ڏينهن اڳ "سوجهرو" رسالي ۾ اهو بحث ڪيو تہ شاهہ لطيف "تِن" ۽ "جِنِ" يعني زير جو استعمال نہ ڪيو آهي پر زبر يعني "جَنِ" ۽ "تَنِ" استعمال ڪيو آهي. اسان هٿ ٻڌي عرض ڪيو تہ سائين لاڙ ۾ چون ئي جِنِ ۽ تِنِ يا جِنين ۽ تِنين پر امداد صاحب چيو نہ پيرو مل لکيو آهي تہ آهي ئي جَن ۽ تَن. رخمان گل پالاريءَ بہ ڪيس جواب ڏنو تہ سائين شاهہ صاحب جِن ۽ تِن استعمال ڪيو آهي.

امداد حسينيءَ هڪ بيت ڏنو آهي:

"محبت پائي من ۾، رنيا روڙيا جَنِ،
تَنِ جو صرافَن، اڻ توريو اڳهايو"

هاڻي امداد جو خيال هو تہ جَن ۽ صَرافَن ۾ "فَن" هم قافيا آواز آهن. تنهن ڪري پڻائيءَ زبر استعمال ڪئي آهي..... گهٽ ۾ گهٽ "ڪاموڏ" سُر ۾ تہ شاهہ لاڙي لهجو استعمال ڪيو هوندو؟؟ جيڪو ماجر جو داستان آهي پر ان ۾ بہ اسان جي عالمن "جَن"، "تَن" استعمال ڪيو آهي. هاڻي ماجر ۾ ڪوبہ وجي ڏسي اُتي ڪوبہ جَن ۽ تَن استعمال ڪونہ ٿو ڪري سڀ جِن ۽ تِن ۽ جِنين، تِنين استعمال ڪن ٿا. مثال هي بيت ڏسو:

ڪاج جَني جو ڪکيون، مالُ تَني جو مڏ

(ٻانهون خان شيخ)." [29]

اهو سوال واقعي تحقيق طلب آهي تہ انهن لفظن ۾ پڻائيءَ جو اصل تلفظ ڪهڙو آهي. جيڪڏهن اسان انهن لفظن کي زير واري اچار سان پڙهندا سين تہ سنڌ جي انهن عالمن، ٻوليءَ جي ماهرن، شارحن ۽ شاهہ جي رسالي جي ناميارن مرتبن جي

مٿين تلفظي بناوٽ بابت سوال ضرور اڀرندو. ٻي ڳالھ تہ جيڪڏهن شاھ جي داستانن جي جاگرافيائي حدن جي بنياد تي ٻولي ۾ محاوري جو تعين ڪرڻ ضروري آهي تہ پوءِ شاھ جي رسالي ۾ تہ اترادي علائقي جو ڪو بہ داستان ڳايل نہ آهي تہ پوءِ ڇا ان بنياد تي سندس ڪلام ۾ موجود اترادي لهجي کان بنھ انڪار ڪري ڇڏبو؟ بهرحال ان حوالي سان وڌيڪ تحقيق ۽ ڇنڊ ڇاڻ جي ضرورت آهي.

اهڙيءَ طرح اتر ۾ لفظ وَيو جي 'وَ' تي زبر ڏئي اچاريو ويندو آهي، جڏهن تہ معياري ۽ لاڙي محاورن ۾ 'وِ' تي زير ڏئي اُچاريو ويندو آهي. ڀيرومل آڏواڻي ان سلسلي ۾ زمان ماضي متعلق واري عنوان ۾ لکيو آهي تہ "هو ويو". 'وَ' مٿان زبر (َ) پر ٻين هنڌ زير (ِ) ڏين ٿا. حقيقتون سري وارا صحيح آهن: 'وِڃڻ' لفظ جي منڍ ۾ 'وَ' جي مٿان زبر (َ) يعني 'اَ' جو اچار آهي، تہ 'وَيو' لفظ ۾ بہ ساڳيو 'اَ' جو اچار هئڻ گهرجي.... (پر) سنڌ جي ڏاکڻي ڀاڱي جي ماڻهن ۾ 'اِ' جي عادت گهڻي آهي." (30) شاھ لطيف پنهنجي رسالي جي مختلف بيتن ۾ لفظ "ويو" استعمال ڪيو آهي. جيئن:

وِيو وِڇوڙو ٿيو ميلاپ واحد واءُ واريو (يمن ڪلياڻ، د 4)

**

انگڻ ڇاڙهي اَنگُ، وِيو وَڻجارو اوهِريا

**

مُونکي ڇاڙهي ڇِيئَن، وِيو وَڻجارو اوهِريا (سامونڊي، د 1)

شاھ سائينءَ جي مٿين بيتن ۾ ڪلياڻ آڏواڻي، گربخشاڻي، ڊاڪٽر بلوچ، غلام محمد شاهواڻي لفظ 'ويو' تي زير يا زبر نہ ڏني آهي. ان ڪري هر علائقي جو ماڻهو ان لفظ کي پنهنجي سهولت ۽ مقامي صوتياتي نظام مطابق اچاري ٿو.

**اترادي لهجي جو صرفياتي نظام ۽ شاھ جو ڪلام**

صرفيات (Morphology) ٻوليءَ جي علم جي هڪ اهم شاخ آهي، جنهن وسيلي لفظن جي نهڻ ۽ روپ مٽائڻ بابت اڀياس ڪيو ويندو آهي. ٻين لفظن ۾ اهو لفظن جي صورتگريءَ جو علم آهي. پروفيسر حاجن جتوئيءَ مطابق: "لفظ ٻوليءَ ۾ ڇو ۽ ڪيئن ٻيا ٻيا روپ وٺن ٿا، تنهن جو تعلق لسانيات جي هڪ شاخ سان آهي، جنهن کي علم صرف يا صرفيات سڏجي ٿو. ان کي تشڪيلات يا صورتيات بہ سڏبو آهي، ڇوتہ اهو عام لفظ جي مختلف شڪلين ۽ صورتن سان بحث ڪري ٿو." (31)

لفظن جي بناوت ۽ تشڪيل جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته ڪنهن به ٻوليءَ ۾ بنيادي طور ٽن قسمن جا لفظ ٿين ٿا. 1. مفرد (Simple) 2. مرڪب (Compound) ۽ 3. مرتب (Complex). مفرد لفظ پنهنجي وجود ۾ پورا، مڪمل ۽ اڪيلا هوندا آهن. انهن کي ٽوڙڻ نه سگهبو آهي، جيڪڏهن ٽوڙبو ته اهي بي مطلب ٿي ويندا. اهڙيءَ طرح مرڪب لفظ اهي آهن جن کي ٽوڙڻ سان هر جزو پنهنجو ڌار مطب ڏيندو، جڏهن ته مرتب لفظ جَڙ ۾ اڳياڙين يا پڇاڙين ملائڻ سان وجود ۾ اچن ٿا. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ اسان کي لفظن جا اهي ٽئي قسم موجود ملن ٿا.

لفظن جي صورتگري جي سلسلي ۾ صرفيي جي پڻ وڏي اهميت آهي. پروفيسر علي نواز جتوئي لکي ٿو ته "اها اچاريل صورت جا آزاد هجي يا پابند، جنهن کي مطلب وارن ننڍين جزن يا ٽڪرن ۾ ورهائي نه سگهجي، تنهن کي صرفيه سڏجي ٿو... جن ٻولين ۾ لفظ روپ بدلين ٿا تن جي لفظن کي گهڻ صرفيو (Polymorphic) سڏجي ٿو. انهن ۾ صرفي جوڙ جڪ گهٽو ڪري ٻن قسمن جي ٿيندي آهي: هڪ اشتقاقي (Derivational) ۽ ٻيو گرداني (Inflectional)." (32)

**واحد ۽ جمع:**

سنڌي ٻوليءَ جي اترادي ۽ معياري ٽوڙي لاڙي لهجي ۾ واحد عدد مان جمع عدد ٺاهڻ جي اصول ۾ فرق نظر اچي ٿو. معياري ۽ لاڙي محاوري ۾ واحد مان جمع ٺاهڻ لاءِ واحد پڇاڙي 'اون' جو سُر ايندو آهي، جڏهن ته اترادي محاوري ۾ واحد لفظ مان جمع ٺاهڻ لاءِ 'آن' پڇاڙي لڳائي ويندي آهي. مثال:

| واحد | معياري لهجي مطابق جمع | اترادي لهجي مطابق جمع |
|---|---|---|
| نِڇ | نِڇون | نِڇان |
| ڪَتَ | ڪتون | ڪتان |
| ڪوڪ | ڪوڪون | ڪوڪان |
| ڪارڪ | ڪارڪون | ڪارڪان |
| ڪيهَ | ڪيهون | ڪيهان |
| ميخ / ميڪ | ميخون، ميڪون | ميخان، ميڪان |
| ريڪ | ريڪون | ريڪان |

اهو لهجو گھڻو ڪري لاڙڪاڻي، شڪارپور، جيڪب آباد تو ڙي پني عاقل ۽ گهوٽڪي جي علائقن ۾ ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. شاهه لطيف بہ پنهنجي ڪلام ۾ اهڙا ڪجھ نج اترادي لهجي وارا بيت چيا آهن. جيئن:

راڻا تنهنجي راهہ تي، ڏيهاڻي ڏيکان،
راڻي جي رهاڻ جون، روح اندر ريکان،
محبت جون ميکان، تو سين لال لپيٽيون (سُر مومل راڻو د 4)

يا

مينهان ۽ نينهان، ٻئي اکر هيڪڙي،
جي وسڻ جا ويس ڪري، تہ ڪکر ڪن ڪيهان،
بادل ٿي بيهان، جي آگم اچڻ جي ڪرين. (سُر سارنگ، د 2)

مٿين ٻنهي بيتن ۾ "ريکان"، "ميکان"، "مينهان"، "نينهان" ۽ "ڪيهان" لفظن جي بناوٽ نج اترادي لهجي مطابق آهي.

ڪاڪو ڀيرو مل پڇاڙيءَ وارن لفظن 'اون' کي رد ڪندي 'آن' کي درست سمجهي ٿو. هن لکيو آهي تہ "سنڌ ۾ ٻين هنڌ 'اون' پڇاڙي گڏين ٿا، سو بگڙيل اچار آهي. شڪارپور وارو نمونو نهايت آڳاٽو آهي ۽ اهو ئي ٻين ٻولين ۾ آهي. جيئن: "موري اکيان ڦرڪن لاگي." اک جو جمع اکيان ــ (هندي)، "سهس سياڻپان لک هوءِ" سياڻپا جو جمع سياڻپان ـ (پنجابي)، "برهہ باهيان باليان" باهہ جو جمع باهيان ــ (سرائيڪي). پير جو جمع پيران ۽ ڏينهن جو جمع ڏينهان ــ (لاسي). زن جو جمع زنان، پسر جو جمع پسران ــ (فارسي). هن مان ڏسڻ ۾ ايندو تہ ٻين ٻولين ۾ 'اون' پڇاڙي آهي ئي ڪانہ." [33] جيتوڻيڪ سنڌي ٻوليءَ جي معياري لهجي ۾ 'اون' پڇاڙي کي شامل رکي ڪاڪي ڀيرو مل جي ان خيال کي رد ڪيو ويو آهي، پر ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ هندي، فارسي، پنجابي ۽ سرائيڪي ـ سنڌيءَ جون همر عصر زبانون آهن ۽ هر زبان ۾ لفظ جي جوڙ ۽ گهڙت جا اصول موجود آهن. ڪاڪي ڀيرومل جي مٿئين حوالي مان معلوم ٿئي ٿو تہ انهن ٻولين جو سنڌي ٻولي سان گهرو تاجي پيٽو رهيو آهي ۽ واحد مان جمع ٺاهڻ واري اصول مطابق سنڌي ٻوليءَ جي اترادي لهجي سميت انهن ٻولين تي باهمي اثر موجود آهن.

**اسم تصغير:**

اهڙو اسم جيڪو ڪنهن شيءِ جي ننڍي روپ لاءِ استعمال ٿئي، تنهن کي ’اسم تصغير‘ چيو ويجي ٿو. جئين رات مان راتڙي، ڳالهه مان ڳالهڙي، باهه مان باهڙي يا باهوٽي، انب مان انبڙي، ديگ مان ديگڙي، نوڙ مان نوڙي، ڇوڪر مان ڇوڪراٽ، ڇَمر مان ڇموٽي وغيره. سنڌي ٻوليءَ جي اترادي لهجي ۾ اسم تصغير جو واهپو گهڻو آهي. اتر جي شڪارپور ۽ لاڙڪاڻي وارن علائقن ۾ دلڙي، جهاتڙي، باهڙي، ڀاتڙا، منڙا، ادڙا، منڙا جهڙا لفظ عام جام استعمال ٿيندا آهن. اهي ۽ اهڙا ٻيا ڪيئي لفظ اترادي شاعرن سچل سرمست، بيدل، بيڪس ۽ ٻين جي ڪلام ۾ پڻ جهجها ملن ٿا. ائين نہ ٿو چئي سگهجي تہ اهڙا لفظ رڳو اترادي ٻوليءَ ۾ آهن، ڇوتہ ساڳئي قسم جا اسم سنڌيءَ جي معياري لهجي ۾ پڻ موجود آهن، پر ايترو ضرور آهي تہ اهڙن اسمن جو اترادي ٻوليءَ ۾ گهڻو واهپو آهي. شاهہ لطيف جي ڪلام مان بہ اترادي محاوري جو اهڙو اثر جهلڪي ٿو.

راتڙيُون جاڳن جي، سي آئُون ڪندڙي سيڻَ (يمن ڪلياڻ، د 5)

**

ٻنين سَندي ڳالِهڙي، رازِقَ آندِي راسِ (ڪارايل، د 1)

**

جِتِ نہ پَکِيءَ پيرُ، تِتِ تِمڪي باهِڙي (ڪاهوڙي، د 2)

**

اَڳَلَڙي آءُ، مُون ڪان پِڙا پَڳا نہ ٿِيا (ڪاپائتي، د 1)

**وائي**

هُوءِ نہ نينِهِ پاڻَ سين، جا وِيندِڙي سيٽين سيٽين؛
ڪالهُوٽيان اَڄُ گهڻِي، جهورَڙي جهيٽين جهيٽين.
ٻِئُون سَڀُ واڳِيون وَرَنِ سين، آءُ جا واڳِڙي ويٽين ويٽين. (ڏهر، د 2)

مٿيَن بيتن ۽ وائي ۾ ”راتڙيون“، ”ڪندڙي“، ڳالهڙي“، ”باهڙي“، ”اڳلڙي“، ”ويندڙي“، ”جهورڙي“ ۽ ”واڳڙي“، اسم تصغير جا مثال آهن. اهي لفظ لهجي کي ڪيڏو نہ منڙو ۽ ملائم بڻائي ڇڏين ٿا.

**حالت اپادان**:

سنڌي ٻوليءَ جي پنجن حالتن ’حالت فاعلي‘، ’حالت تغيري‘، ’حالت اپادان‘، ’حالت جري‘ ۽ ’حالت ندا‘ مان حالت اپادان (Ablative) جي حوالي سان اترادي ۽ معياري لهجي ۾ فرق نظر اچي ٿو. معياري لهجي ۾ حالت اپادان ۾ اسم پٺيان ’آن‘ پڇاڙي لڳائي ويندي آهي جڏهن ته اترادي محاوري ۾ ’ئون‘ پڇاڙي ڪتب آندي ويندي آهي. مثلاً:

| معياري لهجي مطابق | اترادي لهجي مطابق |
|---|---|
| هنڌان | هنڌئون |
| توڪان | توڪئون |
| مونکان | ماڪئون |
| ڪلهان / ڪلهنئان | ڳُلهئون / ڳُلهنئون |
| منجهان | منجهون / منجهئون |
| نيٺان | نيٺئون |
| نرتان | نرتئون |
| ڪيڏانهن | ڪاڏهون |
| ڪٿان | ڪاٿئون |
| اوريان | اوريئون |
| جٿان | جاٿئون |
| اڳيان | اڳيئون |

حالت اپادان مطابق پٺائيءَ عين اترادي لهجي وارا لفظ جا بجا پنهنجي رسالي ۾ استعمال ڪيا آهن. هيٺ ڏنل بيتن جي سٽن ۾ ليڪيل لفظ حالت اپادان جي اترادي محاوري جو مثال آهن.

ڳُلهنئون ڪورين، عاشق عبداللطيف چئي (ڪلياڻ، د 1)

**

ڏُکندو سيوئي ڏُور ڪيو مَنجهؤن تَنَ طبيبَ. (سُر ڪلياڻ، د 3)

**

ويجَنِئون ويئي، تِي وهيٺِي سَجَٽين! (يمن ڪلياڻ، د 3)

**

کلالنئون کاءِ، مَتِ نہ سِکِين مون هِنئان! (يمن ڪلياڻ، د 4)

**

تَري ٿُنَ پِياسِ، پاسَنِئُون پاڻِي وَهي (سريراڳ، د 3)

**

صَرافَنِئُون ڏارَ، ماڻِڪَ مُلاحِظو ٿِئي! (سريراڳ، د 4)

**

نَنگَرَئُون نيڻين، مَنُ اولِيءَ نہ اوهِري (ساموندي، د 1)

**

گهوريُون ڪارُونيارُ مانَ مِلَنِئُون سُپِرين. (سهڻي، د 7)

**

توکي پسي تنُ، سورنئون صاف ٿئو. (پورب، د 1)

**

پرتئون پير پري، ملهائيج مسڪين کي (ليلا چنيسر، د 1)

**

ڪکر منجهہ ڪپار، جهڙ نيڻئون نہ لهي (رپ، د 1)

**ظرف:**

اهڙو لفظ جيڪو فعل سان گڏجي ۽ ان مان ريت، جاءِ، وقت يا قدر جي معنيٰ نڪري، تنهن کي ظرف چيو ويجي ٿو. ظرف جا يارنهن قسم آهن. ظرف جي انهن قسمن جي حوالي سان بہ ڏسندا سين تہ معياري ۽ اترادي لهجن جي ظرفن ۾ فرق نظر ايندو. ظرف تميز ۾ معياري لهجي مطابق اچاريو ويندڙ لفظ "آهستي" مَتجي "آستي" ٿي ويجي ٿو. اهڙي طرح ظرف مڪان جي حوالي سان بہ معياري ۽ اترادي محاوري وچ ۾ فرق نظر اچي ٿو. مثال طور:

| معياري لهجي مطابق | اترادي لهجي مطابق |
|---|---|
| جتي | جاتي |
| ڪٿي | ڪاٿي |
| تتي | تاتي / تاٿي |
| جيڏانهن | جاڏي |
| تيڏانهن | تاڏي |

| | |
|---|---|
| اوڏانهن | اوڏي |
| هوڏانهن | هوڏي |
| اتاهون | اتئون |
| مٿاهون | مٿئون |
| ڪيڏانهون | ڪاڏئون |
| اڳيان | اڳيون |
| پويان | پويون |

لطيف سائينءَ جو ڪلام پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ هن اترادي لهجي مطابق ظرف جون بدليل صورتون پڻ استعمال ڪيون آهن. خاص طور ظرف مڪان جا ڪافي مثال ملن ٿا. جئين:

**وائي**

جاتي ڪاتي محبوبن جي، آهِ حُسنَ جِي هاڪَ (سُر يمن ڪلياڻ، د 8)

❋❋

پويون هِيُ پيرونِ، نِينهن نِباهي هَليا. (حسيني، د 1)

❋❋

سَپوئِي سُبحانُ، ڪاڏِي وڃِي نِبَيِن (رامڪلي، د 4)

❋❋

ڪيئن ڪريان ڪاڏي وڃان، مون ڪي سوڌو سجه نہ ڏي (مومل راڻو د 7)

❋❋

اُتِيوءِ اُتِياڪُ، ڪالهوڪو ڪاڏِي گيو؟ (سسئي آبري، ابيات متفرقہ)

❋❋

سَپوئِي سُبحانُ، ڪاڏِي وڃِي نِبَيِن. (سُر رامڪلي، د 5)

اهي لفظ ئي آهن جيڪي ٻوليءَ کي ٻولي بڻائين ٿا. هر ٻوليءَ جي لسانياتي جاگرافي مطابق ڌار ڌار ڀاڱن ۾ الڳ الڳ لهجن وارا لفظ موجود هوندا آهن. سنڌي ٻولي ۾ انوکن لفظن جو ڀنڊار موجود آهي ۽ لسانياتي جاگرافي جي حوالي سان هر خطي جي محاوري ۾ پنهنجا پنهنجا منفرد لفظ پڻ موجود آهن. امداد حسيني لکيو

آهي تہ ”جڏهن لفظ جملي ۾ ڪتب اچي ٿو تڏهن هڪ خاص معنيٰ ۾ ڪتب اچي ٿو پر جڏهن لفظ شعر جي سٽ ۾ اچي ٿو تڏهن مُنبڍءَ تي ٽڪ وانگر جڙجي ٿو. جڏهن ان لفظ بدران ان جو ٻيو ڪوبہ هم معنيٰ لفظ ڪتب آڻبو تہ اسپاويڪ, تنبيل ۽ پرتيءَ جو پاسندو. ان ڪري ئي شاعريءَ ۾ لفظ جي شڌتا ۽ پوترتا تي سڀ کان پهريان ڌيان ڏنو ويندو آهي ۽ لفظ جي حرمت جو لطيف کان وڏو پاسدار ڪنهن ماءُ اڄ تائين ڄڻيو ئي نہ آهي.“ [34] شاهہ لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي جدا جدا لهجن جا منفرد لفظ استعمال ڪري هڪ اهڙو گلدستو تاهيو آهي جنهن جو هڳاءُ ئي نرالو آهي. اترادي محاوري مطابق پڻ پٽائي جي ڪلام ۾ انيڪ لفظ ۽ اصطلاح موجود ملن ٿا. جن مان ڪجھ مثال هن مقالي ۾ پيش ڪيا آهن.

شاهہ لطيف جي رسالي جي ٻولي ۽ ان ٻوليءَ جو هر لهجو نهايت اهم آهي. لطيف سائينءَ سنڌ جي هر خطي جي ماڻهوءَ کي ان ڪري ئي پنهنجو لڳي ٿو جو هن سنڌي ٻوليءَ جي هر لهجي کي اهميت ڏني آهي. جيئن هن جو فڪر لافاني آهي تئين هن جي ٻولي بہ زنده رهڻي آهي. ”ٻوليءَ, لهجي, فن ۽ فڪر جي حوالي سان لطيف جي شاعري نہ رڳو گذريل توڙي گذرندڙ بلڪ ايندڙ زمانن جي شاعري آهي ۽ بني نوع انسان لاءِ هر دور ۾ واٽ جي لاٽ آهي ۽ اهڙو ڏينهن ڪو ئي اچڻو آهي, جڏهن ٻيون گهڻون گوهيون ڇڏي, بني نوع انسان کي اهڙي شاعريءَ ڏانهن رجوع ٿيڻو پوندو.“ [35]

آخر ۾ آءٌ هڪڙي ڳالهہ چوڻ ضروري ٿو سمجهان تہ ٻوليءَ بابت تحقيق ڪندڙ اسان جي ڪيترن ئي عالمن پنهنجي ڳالهہ کي درست قرار ڏيڻ لاءِ ڪيئي اڃاتريون ڳالهيون پڻ ڪيون آهن ۽ پنهنجي ڳالهہ کي حرف آخر وانگر پيش ڪيو آهي, جيڪا ڳالهہ تحقيق جي اصولن جي خلاف آهي. ادب ۽ ٻوليءَ جي معاملن ۾ ڪڏهن بہ تنهنجو ۽ منهنجو واري ڳالهہ نہ هوندي آهي پر هر نڪتي کي مضبوط دليل, منطق ۽ سائنسي اصولن آڌار پرکيو ويندو آهي. شاهہ لطيف اسان سڀني جو آهي جيئن اسان سڀ شاهہ جا آهيون. منهنجي خيال ۾ شاهہ جي ڪلام ۾ سنڌ جي مختلف طبعي پاڱن ۾ مروج ٻوليءَ جو استعمال خود انهيءَ وحدت ۽ محبت جو دليل آهي.

## حوالا


1. آڏواڻي، پيرو مل مهرچند ”سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ“ سنڌي ادبي بورڊ، ڇاپو چوٿون 1994ع ص 83
2. جتوئي، علي نواز ”علم لسان ۽ سنڌي زبان“ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڇاپو ٻيو، آگسٽ 1983 ص 154
3. هيرانندا ڻي پوپٽي، ”ڀاشا شاستر“ 1964ع، ص 41 ۽ 42
4. آڏواڻي پيرو مل مهرچند ”سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ“ سنڌي ادبي بورڊ، ڇاپو چوٿون 1994ع ص 96
5. شيخ، محمد فاضل، پروفيسر ”ماٿيلي ۽ اوڀاوڙي جي ٻولي“، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو 1992ع ص 11
6. ساڳيو ص 11 ۽ 13
7. بروهي داد محمد ڊاڪٽر ”سبيءَ جي ٻولي“سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو 1992ع ص 1
8. سيوهاڻي فتح محمد حڪيم ”آفتابِ ادب عرف ساهت جو سج“، سنڌي ادبي بورڊ 1983ع، ص 116
9. شيخ، محمد فاضل پروفيسر ”ماٿيلي ۽ اوڀاوڙي جي ٻولي“، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو 1992ع ص 15
10. دانش احسان ڊاڪٽر ”شاهه لطيف جي شاعريءَ جو سماجي ڪارج“، ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومتِ سنڌ 2016ع ص 225
11. فهميده حسين ڊاڪٽر ”سنڌي ٻولي“ تحقيقي جرنل (مقالو: شاهه سائين جي شاعريءَ جو بنيادي لهجو ۽ ٻين لهجن جا اهڃاڻ ـ امداد حسيني)، جلد پهريون، شمارو پهريون سيپٽمبر 2008ع، ص 36
12. ساڳيو ص 40 ۽ 41
13. لغاري، عنايت حسين ڊاڪٽر (ايڊيٽر) ”ڪارونجهر“ تحقيقي جرنل (مقالو: شاهه جي بيتن ۾ معنائن جا مونجهارا ـ ڊاڪٽر غفور ميمڻ)، جلد 7، شمارو 13، ڊسمبر 2015، ص 8 ۽ 12
14. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر ”انساني نفسياتي ڪيفيتن، جذبن ۽ احساسن جو ترجمان شاعر ـ شاهه عبداللطيف ڀٽائي“، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي 2014ع، ص 212
15. دانش احسان ڊاڪٽر ”شاهه لطيف جي شاعريءَ جو سماجي ڪارج“، ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومتِ سنڌ 2016ع ص 226
16. الانا غلام علي ڊاڪٽر ”انساني نفسياتي ڪيفيتن، جذبن ۽ احساسن جو ترجمان شاعر ـ شاهه عبداللطيف ڀٽائي“ ، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي 2014ع، ص 21ـ220
17. شاد، بشير احمد ڊاڪٽر (مرتب) ”پيهي منجه پاتال“ مقالو ”شاهه جي عظمت جا اسباب“ علامه دائود پوٽو مهراڻ اڪيڊمي 1992ع ص 34
18. فهميده حسين ڊاڪٽر (ايڊيٽر) ”ڪلاچي“ تحقيقي جرنل ـ جون 2003 ـ (مقالو: ”لطيف ـ سنڌي ٻوليءَ جو محافظ“ ـــ امداد حسيني) ص 90 ۽ 91
19. گدواڻي، پرسو ڊاڪٽر ”ڇپر ڇاٽون مکيون“ (شاهه جي شاعريءَ جو ادبي اڀياس) باک ادبي اڪيڊمي، حيدرآباد 1997ع ص 38
20. حوالو ساڳيو ص 41
21. پريم هدايت ڊاڪٽر ”اترادي ٻولي“سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو 1995ع ص 29
22. جتوئي، علي نواز ”علم لسان ۽ سنڌي زبان“ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڇاپو ٻيو، آگسٽ 1983 ص 35
23. عباسي، تنوير ”شاهه لطيف جي شاعري“ روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 2000ع ص 279
24. پريم هدايت ڊاڪٽر ”اترادي ٻولي“سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو 1995ع ص 31 ۽ 32
25. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر، مقالو: سنڌي ٻوليءَ جون سرحدون ۽ ان جو ڪڇي محاورو“ ڪتاب ”مهراڻ جون موجون“ ص 21 ۽ 22
26. بگهيو قسم ڊاڪٽر ”سنڌي ٻولي لسانيات کان سماجي لسانيات تائين، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 1998ع ص 84

27. پريم هدايت ڊاڪٽر ”اترادي ٻولي“سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو 1995ع ص 39 ۽ 40
28. آڏواڻي، ڀيرو مل مهرچند ”سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ“ سنڌي ادبي بورڊ، ڇاپو چوٿون 1994ع ص 97
29. لغاري، عنايت حسين ڊاڪٽر (ايڊيٽر) ”ڪارونجهر“ تحقيقي جرنل (مقالو: شاهه جي بيتن ۾ معنائن جا مونجهارا ـ ڊاڪٽر غفور ميمڻ)، جلد 7، شمارو 13، ڊسمبر 2015، ص 12 ۽ 13
30. آڏواڻي، ڀيرو مل مهرچند ”سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ“ سنڌي ادبي بورڊ، ڇاپو چوٿون 1994ع ص 105
31. جتوئي علي نواز ”علم لسان ۽ سنڌي زبان“ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڇاپو ٻيو، آگسٽ 1983 ص 109
32. ساڳيو ص 112، 113، 114
33. آڏواڻي، ڀيرو مل مهرچند ”سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ“ سنڌي ادبي بورڊ، ڇاپو چوٿون 1994ع ص 103
34. فهميده حسين ڊاڪٽر (ايڊيٽر) ”ڪلاچي“ تحقيقي جرنل ـ جون 2003 ـ (مقالو: ”لطيف ـ سنڌي ٻوليءَ جو محافظ“ ــ امداد حسيني) ص 95
35. ساڳيو ص 93

**نوٽ:** (هن مقالي لاءِ سمورا بيت ڪلياڻ آڏواڻيءَ جي ترتيب ڏنل ”شاهه جو رسالو“ مان ورتا ويا آهن. جڏهن ته بيتن جي پيڙا خاطر ڊاڪٽر گربخشاڻي، غلام محمد شاهواڻي، ڊاڪٽر بلوچ ۽ ٻانهي خان شيخ جا ترتيب ڏنل رسالا پڻ مطالعي هيٺ رهيا.)